

# فيضانِ امامِ اعظم

هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾
ٿيڻ وارو سنتن ڀريو بيان

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# فيضانِ امامِ اعظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡاَكۡرَم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت كئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتكاف جي نيّت كري وٺندا كيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتكاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ كائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوّت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ بخشش نشان آهي: جنهن ڏينهن ۽ رات ۾ منهنجي طرف شوق ۽ محبت جي وجہ سان ٽي ٽي (3،3) ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهيو، الله عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي تہ هو هن جا ان ڏينهن ۽ رات جا گناہ بخشي ڇڏي. (معجم كبير، ج18 ص 362 حديث 927)

آس ہے نہ کوئی پاس ایک تمہاری ہے آس بس ہے یہی آسرا تم پہ کروڑوں درود

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الۡمُؤۡمِنِ خَيۡرٌ مِّنۡ عَمَلِهٖ"يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڃائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي سوڙهو يا سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذۡكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الۡحَبِيۡب! صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة[1] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهہ رکندس يعني پنهنجي علم جو رُعب ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس. صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

---

[1] ...بخارى، كتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

## درود شريف جي فضيلت:

فرمانِ مصطفٰي صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن دُرود شريف پڙهندو، آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (جمع الجوامع للسيوطي ج ٧ ص ١٩٩ حديث ٢٢٣٥٢،از ضياءِ درود و سلام،ص١١)

رُسُل مَلَک پہ دُرود ہو وہی جانے ان کے شمار کو
مگر ایک ایسا دِکھا تو دو جو شفیعِ روزِ شُمار ہے

## بارگاهِ رسالت ۾ مقامِ امامِ اعظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡاَکۡرَم

حضرت سَيِّدُنا داتا گنج بَخْش علي هجويري حَنَفي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی حضرت سَيِّدُنا امامِ اَعْظم ابُوحنيفه نُعمان بن ثابت عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡوَاحِد سان خاص عقيدت رکندا هئا. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: آئون هڪ ڏينهن سفر ڪندي ملڪِ شام ۾ مُؤذِّنِ رَسُول حضرت سَيِّدُنا بلال رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي روضهءِ مُبارڪ تي حاضر ٿيس، اُتي منهنجي اک لڳي وئي ۽ مان پاڻ کي مڪه ٔ مُعظَّمَه (زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعۡظِيۡمًا) ۾ ڏٺو، ڇا ٿو ڏسان ته سرڪارِ دو عالم، نور مجسم صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبيلهءِ بني شيبه جي دروازي تي موجود آهن ۽ هڪ پيرسن شخص کي ننڍي ٻار جيان ڪڇي وينا آهن، مون فرطِ مَحبّت کان بي قرار ٿي ڪري سرڪار مدينه صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف وڌيس ۽ سرڪار صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ قدمن کي چميم، دل ئي دل ۾ ان ڳالهه تي وڌو حيران ٿيس ته هي ضعيف شخص ڪير آهي؟ ايتري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، دانائي غيوب صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

قُوّتِ باطني ۽ علمِ غيب جي ذريعي منهنجي حيرت ۽ اِسْتِعْجاب (تعجب) جي ڪيفيّت ڄاڻي ورتي ۽ مونکي مخاطَب ٿي ڪري فرمايائون: ”هي ابو حنيفه آهن ۽ توهان جا امام آهن.“

حضرت سَيِّدُنا داتا گنج بَخْش رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجو هي خواب بيان ڪرڻ کان پوءِ فرمائن ٿا ته ان سان مونکي معلوم ٿي ويو ته حضرت سَيِّدُنا امامِ اَعْظم ابُوحنيفه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو شمار انهن ماڻهن ۾ آهي جن جا اوصاف شريعت جي قائم رهڻ وارن احڪام جيان قائم و دائم آهن، اها ئي وجه آهي جو حُسنِ اخلاق جا پيڪر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سان ايتري قدر مَحبَّت فرمائن ٿا ۽ حضور صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي امامِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه سان جيڪا محبت آهي، ان سان اهو نتيجو نڪري ٿو ته جهڙي طرح حُضُور عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان خطا ممڪن نه آهي، اهڙي طرح اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ رَسُوْلُ اللّٰه صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪرم سان حضرت سَيِّدُنا امامِ اَعْظم ابُوحنيفه رَحۡمَةُاللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه به خطا کان محفوظ آهن.

(ڪشف المحجوب ،ص:١٠١بتغير قليل)

ہمارے آقا ہمارے مَولیٰ، امامِ اعظم ابُو حنیفہ
ہمارے ملجاء ہمارے ماویٰ امامِ اعظم ابُو حنیفہ
زمانہ بھر نے زمانہ بھر میں بہت تجسُّس کیا ولیکن
مِلا نہ کوئی اِمام تم سا امامِ اعظم ابُو حنیفہ

(ديوانِ سالڪ ،رسائلِ نعيميه، ص: ٣٥)

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ان حڪايت ۾ جتي اسان کي امامِ اَعۡظم ابُوحنيفه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي عظمت ۽ شان معلوم ٿيو، اُتي اهو به معلوم ٿيو ته اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان دلين جي حالات کان باخبر آهن، جڏهن ته خواب ۾ سَيِّدُنا داتا گنج بَخۡش رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي دل ۾ پيدا ٿيڻ واري سُوال جو جواب ڏيندي ارشاد فرمايو: ”هي ابو حنيفه آهن ۽ هي توهان جا امام آهن“. هي ته خواب هو، پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ته عطاءِ خُداوندي سان پنهنجي حَياتِ ظاهري ۾ به ڪيترين ئي غيب جون خبرون ارشاد فرمايون. جيئن ته

## بينائي موٽي آئي!

حضرتِ سَيِّدَتُنا اُنَيۡسَه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون: مونکي منهنجي والدِ محترم ٻڌايو: آئون بيمار ٿيس ته سرڪارِ عالي وقار صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجي عيادت جي لاءِ تشريف وٺي آيا ۽ ڏسي ڪري فرمايو! توکي ان بيماري سان ڪو نقصان ناهي ٿيندو، پر تنهنجي ان وقت ڇا حالت ٿيندي جڏهن تون منهنجي وصال کان بعد طويل عمر گذاري نابينا ٿي ويندي؟ هي ٻڌي ڪري مون عرض ڪيو: يارَسُوۡلَ الله صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! آئون ان وقت حُصُولِ ثواب جي خاطر صبر ڪندس. فرمايو: جيڪڏهن تون ايئن ڪندي ته بغير حساب جي جنّت ۾ داخل ٿي ويندي. جيئن ته صاحِبِ شيرين مَقال، شَهَنشاهِ خُوش خِصال صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري وصال کان بعد انهن جي بينائي (يعني نظر) هلي وئي، پوءِ هڪ عرصي کان بعد الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي بينائي موٽائي ڏني ۽ انهن جو انتقال ٿي ويو.

(دَلَائِلُ النُّبُوَّة لِلۡبيهقِي ج٦ص٤٧٩، دارالڪتب العلمية بيروت)



www.dawateislami.net

## علمِ غيبِ ذاتي ۽ عطائي ۾ فرق!

منا منا اسلامي ڀائرو! هن روايت کي ٻڌي ڪري ٿي سگهي ٿو ته شيطان ڪنهن جي دل ۾ هي وسوسو آڻي ته علمِ غيب صرف الله عَزَّوَجَلَّ ئي کي آهي، ته حضور صَلَّي اللّٰه تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪيئن غيب جي خبر ڏني؟ ته عرض هي آهي ته ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ عَالِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهادَة آهي، ان جو علم ذاتي آهي ۽ هميشه هميشه کان آهي، جڏهن ته انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جو علمِ غيب عطائي به آهي ۽ هميشه هميشه کان به نه آهي، انهن کي جڏهن کان الله عَزَّوَجَلَّ ٻڌايو آهي تڏهن کان آهي ۽ جيترو ٻڌايو آهي اوترو ئي آهي، ان جي ٻڌائي بغير هڪ ذرّي جو به علم نه آهي. هاڻي رهيو هي ته ڪنهن کي ڪيترو علمِ غيب مليو، هي ڏيڻ وارو ڄاڻي ۽ وٺڻ وارو ڄاڻي. علمِ غيبِ مصطفٰي صَلَّي اللّٰه تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ سيپاري 30 سُوۡرَۃُ تَکۡوِیۡر آيت نمبر 24 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَ مَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِيْنٍ ﴿۲۴﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ هي نبي غيب ٻڌائڻ ۾ بخيل نه آهي.

هن آيتِ ڪريمه جي تحت تفسيرِ خازن ۾ آهي: "مراد هي آهي ته مديني جي تاجدار صَلَّي اللّٰه تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ علمِ غيب ايندو آهي ته توهان تي ان ۾ بُخل ناهن فرمائيندا، بلڪ توهان کي ٻڌائڻ ٿا." (تفسير خازن ج۴،ص۳۵۷) هن آيت ۽ تفسير سان معلوم ٿيو ته الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، دانائے غُيُوب صَلَّي اللّٰه تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن کي علمِ غيب ٻڌائن ٿا ۽ ظاهر آهي ته ٻڌائيندو اهو ئي جيڪو خود به ڄاڻيندو هوندو.



www.dawateislami.net

## سرڪار جي نظر ۾ امامِ اعظم جو علمي مقام!

الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ غيب جي خبر ڏيندي ارشاد فرمايو: لَوْ كَانَ الْعِلْمُ بِالثُّرَيَّا لَتَنَاوَلَه اُنَاسٌ مِّنْ اَبْنَاءِ فَارِس. يعني علم جيڪڏهن ثُريّا تي مُعلّق هجي ها ته اولادِ فارس مان ڪجھ ماڻھو ان کي اتان به ڪٽي اچن ها. (مسند احمد،ج۳ ص:۱۵۴،حديث:۹۵۵)

حضرت سَيِّدُنا امام ابنِ حجر مڪّي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقَوِی ارشاد فرمائن ٿا: ان حديثِ پاڪ مان امامِ اَعْظم ابُوحنيفه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه (جي ذاتِ بابرڪت) مراد آهي. ان ۾ اصلاً شڪ نه آهي، ڇو جو پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي زماني ۾ اهلِ فارس مان ڪو شخص علم ۾ سندن رتبي تائين ناهي پهتو، بلڪ انهن جي شاگردن جي (علمي) مرتبي تائين به پهچ نه هئي ۽ ان ۾ سرڪارِ دو عالم صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو کليل واضح معجزو (به) آهي ته پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن غيب جي خبر ڏني، جيڪو ٿيڻ وارو آهي ٻڌائي ڇڏيو. (الخيرات الحسان، ص۲۴)

منا منا اسلامي ڀائرو! هي ڳالھ اَظْهَرُ مِنَ الشَّمْسِ وَ اَبْيَنُ مِنَ الْاَمْس (يعني سُورج کان وڌيڪ روشن ۽ گذريل ڏينهن کان وڌيڪ قابلِ يقين) ٿي وئي ته اسان جي پياري آقا، مڪّي مدني مصطفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطائي الٰهي سان علمِ غيب حاصل آهي، جڏهن ته پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت سَيِّدُنا امامِ اَعْظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡاَكۡرَم جي آمد کان پهريان ئي سندن رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي زَبردَست علمي قابليّت ۽ صلاحيّت جي خبر ڏني. هاڻي جيئن حضور صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ايئن ئي



www.dawateislami.net

ظهور بہ ٿيو. امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هن دنيا ۾ تشريف ڪٽي آيا ۽ چئن ئي طرف سندن جي علمي شهرت جي واه واه ٿيڻ لڳي، هر طرف علم جي روشني ڦيلجي وئي.

اوهان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو نامِ نامي، اسمِ گرامي "نُعمان" جي لُغوي معنٰي ڏسو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه واقعي اسم بَامُسَمّٰي نظر تا اچن. جيئن تہ شيخ الاسلام شهاب الدّين امامِ احمد ابنِ حجر هيتمي مڪي شافعي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن تا: عُلَماء جو ان ڳالھ تي اتفاق آهي تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو نالو "نُعمان" ئي آهي. توهان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي نالي ۾ بہ هڪ لطيف ڳالھ موجود آهي. اها هي تہ نُعمان جي اَصل اهڙو رت آهي جنهن سان انساني جسم (جو ڍانچو) قائم هوندو آهي. تہ (اهڙي طرح) سَيِّدُنا امامِ اَعۡظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡاَکۡرَم کي نُعمان چوڻ جي وجہ هي آهي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ئي فقہِ اسلامي جي بنياد آهن.

(الخيرات الحسان، ص٣١)

تمہارے آگے تمام عالَم، نہ کیوں کرے زانُوئے اَدَب خَم
کہ پیشوایانِ دین نے مانا، امامِ اعظم ابُو حنیفہ

سراج تُو ہے بِغیر تیرے جو کوئی سمجھے حدیث و قرآں
پھرے بھٹکتا نہ پائے رستہ، امامِ اعظم ابو حنیفہ

(ديوانِ سالڪ، رسائلِ نعيميه، ص٣٥،٣٦)

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالي عَلي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## نالو ۽ نَسب ڪُنيت ۽ لقب

اڇو ته! پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو مُختصر تعارف ۽ حياتِ مبارڪ جا ڪجھ گوشن جي متعلق پڙهون ٿا. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو نالو مبارڪ نُعمان، والد جو نالو ثابت ۽ ڪنيت ابوحنيفه (۽ لقب امامِ اَعۡظم آهي) توهان 80 ھ ۾ (ڪوفي) ۾ پيدا ٿيا ۽ 70 سال جي عمر مبارڪ گذاري ۽ (2 شَعبَانُ المعظم) 150ھ ۾ وصال ٿيو.

(تاريخ بغداد، ج ١٣، ص:٣٣١، نُزهة الْقَارِي ج١، ص:٢١٩)

اڄ به بغداد شريف جي قبرستان خيزران ۾ توهان جو مزارِ فائضُ الاَنوَار مَرجَعِ خَلَائق آهي. (تاريخ بغداد ،١٣،ص:٣٢٥) اَئِمَّه اَربَعَه يعني چار ئي امام (امام ابُو حنيفه، امام شافِعي، امام مالڪ ۽ امام احمد بن حنبل رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهم) برحق آهن ۽ انهن چئن جا خوش عقيده مُقَلِّدِ (يعني پيروي ڪندڙ) پاڻ ۾ پيائر آهن. سَيِّدُنا امامِ اَعۡظم ابُو حنيفه رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه چئن اِمامن ۾ وڏي مرتبي وارا آهن، ان جو هڪ سبب هي آهي ته صرف پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تابِعي آهن. ”تابِعي“ ان کي چوندا آهن: ” جنهن ايمان جي حالت ۾ ڪنهن صحابي رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ سان مُلاقات ڪئي هجي ۽ ايمان تي خاتمو ٿيو هجي.“ (نزهة النظر في توضيح نخبة الفكر، ص١١٣، ملخصاً)

سَيِّدُنا امامِ اَعۡظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡاَكۡرَم مختلف روايتن جي مطابق ڪجھ صحابه ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان سان مُلاقات جو شرف حاصل ڪيو آهي ۽ ڪجھ صحابه ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ڪان براهِ راست، سرورِ ڪائنات صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ارشادات پڻ ٻڌا. (الخيرات الحسان،ص:٣٣)



www.dawateislami.net

ہے نام نعمان ابنِ ثابت، ابُو حنیفہ ہے ان کی کُنیت
پُکارتا ہے یہ کہہ کے عالَم، امامِ اعظم ابُو حنیفہ
(وسائلِ بخشش، ص۵۷۳)

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## اوصافِ امامِ اعظم!

حضرت سَيِّدُنا ابُونُعَيم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: امامِ اَعْظم ابُو حنيفه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي بناوٽ ۾ حالت، چهرو، لباس ۽ جُوتا چڱا هوندا هئا ۽ سندن وٽ هر اچڻ واري شخص جي مدد فرمائيندا هئا. (اخبار ابي حنيفه واصحابه،ص:١٦) پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جو قد درميانو هو، سيني ماڻهن سان تمام چڱي انداز سان گفتگو فرمائيندا هئا ۽ ڪثرت سان خوشبو استعمال فرمائيندا هئا، جڏهن باهر تشريف ڪٺي ايندا هئا ته چڱي خوشبو سان سجاتا ويندا هئا.

(اخبار ابي حنيفه واصحابه،ص:١٧،ملتقطاً)

حضرت سَيِّدُنا امامِ اَعْظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡاَکۡرَم پوري ڏينهن علمِ دين جي اشاعت سان گڏوگڏ، قرآنِ پاڪ جي تلاوت ۽ سڄي سڄي رات عبادت ۽ رياضت ۾ بسر ڪندا هئا. حضرتِ مِسْعَر بِن ڪدام عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ السَّلَام فرمائن ٿا: آءُ امامِ اَعْظم ابُوحنيفه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي مسجد ۾ حاضر ٿيس، مون ڏٺو ته نمازِ فجر ادا ڪرڻ کان پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ماڻهن کي سڄو ڏينهن علمِ دين پڙهائيندا رهيا، انهي وچ ۾ رڳو نمازن جي لاءِ وقفو ٿيندو هو، نمازِ عشاء کان بعد پاڻ



www.dawateislami.net

رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي دولت سَرا (يعني مکانِ عاليشان) تشريف وٺي ويا، ڪجهه دير ڪانپوءِ سادو لباس پائي، خوب عطر لڳائي. فضا مهڪائي پنهنجو نوراني چهرو چمڪائيندي مسجد جي ڪنڊ ۾ نفلن ۾ مشغول ٿي ويا، ايستائين جو صبح صادق ٿي وئي، هاڻي درِ دولت (يعني مکانِ عالشان) تشريف وٺي ويا ۽ لباس تبديل ڪري واپس موٽيا ۽ نمازِ فجر باجماعت ادا ڪرڻ ڪان پوءِ گذريل ڏينهن وانگر عشاء تائين درس ۽ تدريس جو سلسلو جاري رهيو. مون سوچيو توهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه گهڻو ٿڪجي پيا هوندا، اڄ رات ضرور آرام فرمائيندا، پر ٻي رات ساڳيو معمول رهيو پوءِ ٽين ڏينهن ۽ رات به اهڙي نموني گذاري. آئون ٻي حد متاثر ٿيس ۽ مون فيصلو ڪيو ته سموري زندگي سندن جي خدمت ۾ رهندس. انهي ڪري مون سندن جي مسجد ۾ مستقل قيام اختيار ڪيو. مون پنهنجي رهڻ جي مدت ۾ امامِ اَعْظَم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي ڏينهن ۾ ڪڏهن بنا روزي جي ۽ رات جو عبادت ۽ نفل کان غافل نه ڏٺو. البت ظُهر کان پهرين پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪجهه دير آرام فرمائيندا هئا.

(اَلْمَناقِب لِلْمُوَفَّق ج 1 ص 230 کان 231 ڪوئيٽا) (لڙڪن جي برسات،ص6)

جو بے مثال آپکا ہے تقویٰ، تو بے مثال آپکا ہے فتویٰ
ہیں علم و تقویٰ کے آپ سنگم، امامِ اعظم ابو حنیفہ

(وسائلِ بخشش، ص۵۷۳)

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## امامِ اعظم جواندازِ تجارت

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! امامِ اَعْظَم ابُوحنيفه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن درس ۽ تدريس ۽ عبادتِ ربّ ذُوالجلال سان گڏوگڏ حُصولِ رزقِ حلال جي لاءِ تجارت جو به پيشو اختيار فرمايو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه تجارت ۾ به ماڻھن سان ڀلائي، خيرخواھي ۽ شرعي اصولن جي نه صرف خود پاسداري فرمائيندا ھئا بلڪ پاڻ سان گڏ ڪم ڪرڻ وارن کي به ان جي تاڪيد فرمائيندا ھئا. جيئن ته

حضرت سَيِّدُنا حَفْص بن عبدُالرحمٰن عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن حضرت سَيِّدُنا امامِ اَعْظَم ابُوحنيفه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سان گڏ تجارت ڪندا ھئا ۽ انھن کي مالِ تجارت موڪليندا ھئا. ھڪ ڀيري انھن وٽ ڪجھ سامان موڪلڻ وقت فرمايائون: اي حَفْص! فلان ڪپڙي ۾ ڪجھ عيب آھي. جڏھن تون ان کي وڪرو ڪرين ته عيب بيان ڪري ڇڏجان. حضرت سَيِّدُنا حَفْص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن مالِ تجارت وڪرو ڪري ڇڏيو ۽ وڪرو ڪرڻ وقت عيب ٻڌائڻ ياد نه رھيو ۽ ھي به ياد نه رھيو ته ڪنھن کي وڪرو ڪيو آھي. جڏھن امامِ اَعْظَم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي خبر پئي ته توھان سيني ڪپڙن جي قيمت صَدَقو ڪري ڇڏي.

(تاريخ بغداد،باب مناقب ابي حنيفة ، ٣٥٦/١٣)

مِنا مِنا اسلامي ڀائرو! توھان ڏٺو ته! امامِ اَعْظَم ابُوحنيفه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي شريڪِ تجارت ڀُل سان عيب دار شيءِ وڪرو ڪئي، ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان جي قيمت پنھنجي استعمال نه آندي



www.dawateislami.net

بلڪ صَدَقو فرمائي ڇڏي. پر افسوس! صد افسوس! اسان جي معاشري ۾ پُل سان نه بلڪ ڄاڻي ڪري، ڪوڙا قسم کڻي، عيب لڪائي ڪري شيون وڪرو ڪيون وينديون آهن. اسان جي اخلاقي حالت ته ايتري قدر خراب ٿي وئي آهي جو اسان جو ٻار ڪوڙ ڳالهائي يا ڌوکي سان ڪنهن کي لُٽڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي، ته اسان ان کي هڪ شاندار ڪارنامو سمجهندا آهيون، ان تي ٻار کي شاباش ڏيندا آهن، ان جي پُٺي ٺپڪائيندا آهن ۽ دادِ تحسين ڏيندي ان طرح جا جملا چوندا آهن ته پُٽ هاڻي تون به سڪي ويو آهين، توکي ڪاروبار ڪرڻ اچي ويو آهي، تون سمجهدار ٿي ويو آهين وغيره وغيره. دراصل اهڙن موقعن تي اسان کي پنهنجن ٻارن جي تربيت ڪرڻ گهرجي ته پُٽ ڪوڙ ڳالهائي ۽ ڌوکو ڏئي ڪاروبار نه ڪرڻ گهرجي نه ته ان جي وبال سان اسان جي ڪاروبار ۽ مال ۾ زوال اچي ويندو ۽ اسان تباهه ۽ برباد ٿي ويندا سين ۽ آخرت ۾ به ذليل ۽ خوار ٿي ڪري ڪٿي عذابِ الٰهي جا حقدار نه ٿي وڃون.

ڌوکو ڏيڻ واري کي ان حديثِ پاڪ تي غور ڪرڻ گهرجي ته محسنِ ڪائنات، فخرِ موجُودَات صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: لَا يُؤۡمِنُ اَحَدُكُمۡ حَتّٰى يُحِبَّ لِاَخِيۡهِ مَا يُحِبُّ لِنَفۡسِهٖ يعني توهان مان ڪو ان وقت تائين ڪامل مؤمن نه ٿو ٿي سگهي، جيستائين پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ اها شيءِ پسند نه ڪري جيڪا پنهنجي لاءِ پسند ڪندو آهي.

(بخاري، ڪتاب الايمان ، باب من الايمان ان يحب لاخيه مايحب لنفسه، ١/١٦، حديث:١٣)



www.dawateislami.net

تہ پلا اهو ڪير شخص هوندو جيڪو پنهنجي لاءِ هي پسند ڪندو تہ مونکي ملاوٽ وارو مال ملي، مونکي ڌوڪو ڏئي يا ڪوڙ ڳالهائي ڪري مال ڏنو وڃي، مون کان سُود ورتو وڃي، مون کان رشوت ورتي وڃي، منهنجي سادگي مان فائدو وٺندي منهنجو کيسو خالي ڪيو وڃي؟ يقينًا ڪو شخص پنهنجي لاءِ هي ڳالهيون پسند نہ ڪندو، تہ پوءِ پنهنجي مسلمان ڀائرن جي لاءِ اهڙو ڇو سوچو ويندو آهي....؟

## جيڪو ڌوڪو ڏئي اهو اسان مان ناهي!

حضرت سَيِّدُنا ابُوهُرَيْره رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اناج جي ڍير تان گذريا تہ پنهنجو هٿ مبارڪ ان ۾ وڌو. پاڻ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آڱرين ان ۾ آلائڻ محسوس ڪئي تہ فرمايو: ”اي اناج وارا هي ڇا آهي؟“ عرض ڪيائين: ”يا رَسُوْلَ الله صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان تي بارش پئجي وئي.“ فرمايائون: ” تہ آلي اناج کي تو ڍير جي مٿان ڇو نہ رکيو تہ جيئن ان کي ماڻهو ڏسي وٺن ها، جيڪو ڌوڪو ڏي اهو اسان مان ناهي.

(صحيح مسلم، ڪتاب الايمان، باب قول النبي ﷺ من غش فليس منا، الحديث ١٠٢، ص ٦٥)

منا منا اسلامي ڀائرو! ان (حديثِ پاڪ) مان معلوم ٿيو تہ تجارتي شيءِ ۾ عيب پيدا ڪرڻ بہ جُرم آهي ۽ قدرتي پيدا ٿيل عيب کي لڪائڻ بہ جُرم. ڏسو (نبي ڪريم صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) بارش سان پُسيل اناج کي لڪائڻ ملاوٽ ۾ ئي داخل فرمايو. (مرآة المناجيح، ج ٤، ص ٢٧٣)



www.dawateislami.net

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي شرعي اصولن کي پيشِ نظر رکندي، ڪاروبار ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڌوکي ڏيڻ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اے مِلاوَٹ کرنے والے مان جا　　خَوف کر بھائی عذابِ نار کا
دھوکہ بازی میں نُحُوست ہے بڑی　　نیز دوزَخ میں سَزا ہوگی کڑی

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب!　　صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## امام اعظم جي تقويٰ ۽ پرهيزگاري!

منا منا اسلامي ڀائرو! مسلمانن کي ڌوکو ڏيڻ تمام ئي بُري عادت آهي. ياد رکو! جيڪڏهن اسان ڪوڙا قسم کڻي عيب دار شيءِ ٻڌائي بغير وڪرو ڪئي ته اسان خريدار جي حق تلفي ڪئي، جنهن جو بدلو قيامت جي ڏينهن اسان کي ڏيڻو پوندو. تنهن لاءِ محشر جي خواري کان بچڻ جي لاءِ ٻانهن جا جيڪي حقوق اسان تي اچن ٿا، ان جي ادائيگي ۾ تاخير نه ڪئي وڃي ۽ ماضي ۾ جن جا حقوق تلف ڪيا، انهن کان معافي گهري وٺو ۽ آئنده جي لاءِ ان معاملي ۾ بي حد احتياط سان ڪم وٺو، ان معاملي ۾ بالخصوص پنهنجي زَبان کي قابو ۾ رکڻ تمام ضروري آهي. ڇو جو زَبان ئي هڪ اهڙي شيءِ آهي جيڪا زياده گناه ڪرائيندي آهي. هي زَبان ڪنهن کي تِکو جملو چوَرائي يا ڪنهن جي غيبت ۾ مبتلا ڪرائي قيامت ۾ اسان کي خُوار ڪرائي سگهي ٿي. اها ئي وجه آهي ته حضرت سَيِّدُنا امامِ اعظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡاَکۡرَم پنهنجي زَبان جي حفاظت فرمائيندا هئا ۽ تمام گهٽ گفتگو فرمائيندا هئا. حضرتِ شريڪ



www.dawateislami.net

عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْمَجِيْد فرمائن ٿا: حضرت سَيِّدُنا امامِ اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم اڪثر خاموش رهڻ وارا، انتهائي ذهين ۽ تمام وڏا فقيه هئڻ جي باوجود ماڻهن سان بحث ۽ مباحثو ڪرڻ کان بچندا هئا. (الخيرات الحسان، ص٥٦) حضرت ابنِ مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مون هڪ ڀيري حضرت سَيِّدُنا سُفيان ثوري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: امامِ اَعْظم ابُوحنيفه رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه غيبت کان ايترو پري رهندا آهن جو مون ڪڏهن به انهن کي پنهنجي دشمن جي به غيبت ڪندي نه ٻڌو. ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن ارشاد فرمايو: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! پاڻ ان معاملي ۾ ڪافي سمجهدار آهن جو ڪنهن اهڙي شيءِ کي پنهنجي نيڪين تي مُسلَّط ڪن جيڪا انهن کي (ٻين جي نامهء اعمال ۾) منتقل ڪري ڇڏي. (اخبار ابي حنيفه واصحابه،ص:٤٢)

حضرت ضُمَيْره رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا ته ان ڳالهه ۾ ماڻهن جو ڪو اختلاف نه آهي ته سَيِّدُنا امامِ اَعْظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه سچ ڳالهائڻ وارا هئا، ڪڏهن به ڪنهن جو تذڪرو بُرائي سان نه ڪندا هئا. هڪ ڀيري پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي چيو ويو ماڻهو توهان جي باري ۾ بدڪلامي ڪندا آهن، پر توهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪنهن کي به ڪجهه نه ٿا چئو؟ ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن ارشاد فرمايو: (ماڻهن جي بيهوده ڳالهين تي منهنجو صبر ڪرڻ) هي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو فضل آهي، هو جنهن کي چاهيندو آهي عطا فرمائيندو آهي.



www.dawateislami.net

حضرت بُکَير بن معرُوۡف رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مون اُمّتِ نبوي عَلٰی صَاحِبِهَاالصَّلٰوةُ وَ السَّلَام ۾ حضرتِ امامِ اَعظم ابُوحنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان وڌيڪ حُسنِ اخلاق وارو ڪنهن کي نہ ڏٺو. (الخيرات الحسان،ص٥٦)

فُضُول گوئی کی نکلے عادت، ہو دُور بے جا ہنسی کی خَصلَت
دُرُود پڑھتا رہوں میں ہر دَم، امامِ اَعْظَم ابُو حنیفہ!
(وسائلِ بخشش، ص۵۷۴)

## گهٽي گفتگو جون تباه ڪاريون

منا منا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ اسان جا امامِ اَعْظم ابُوحنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه زبان جي آفتن کان بچڻ جي لاءِ اڪثر خاموشي اختيار فرمائيندا هئا ۽ بغير ضرورت ڳالهائڻ کان پرهيز فرمائيندا هئا. يقيناً گهڻو ڳالهائڻ يا بغير سوچي سمجهي ڳالهائڻ، بي حد خطرناڪ نتيجن جو سبب ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي هميشہ هميشہ جي ناراضي جو باعث بڻجي سگهي ٿو. يقيناً زبان جو قفلِ مدينہ لڳائڻ يعني پنهنجي پاڻ کي غيرضروري ڳالهين کان بچائڻ ۾ ئي عافيت آهي. خاموشي جي عادت بنائڻ جي لاءِ ڪجهه نہ ڪجهه گفتگو لکي ڪري يا اشاري سان ڪرڻ بي حد مفيد آهي. غيبت، چغلي ۽ عيب جُوئي جهڙن گناهن کان بچڻ بہ اهڙي شخص جي لاءِ تمام دشوار هوندو آهي بلڪ بَڪ بَڪ جو عادي بعض اوقات مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪفريات بہ بَڪي ڇڏيندو آهي. اللّٰه رَحْمٰن عَزَّوَجَلَّ اسان تي رحم فرمائي ۽ اسان کي زبان جو قفلِ مدينہ نصيب ڪري. اڄڪلھ چڱيون صحبتون تمام گهٽ آهن. ڪيترائي ”چڱا نظر“ اچڻ



www.dawateislami.net

وارا بہ بد قسمتي سان پلائي جون ڳالهيون ٻڌائڻ بجائي فُضول ڳالهيون ٻڌائڻ ۾ مشغول نظر ايندا آهن. ڪاش! اسان صرف ربِّ ڪائنات عَزَّوَجلَّ جي خاطر ماڻهن سان مُلاقات ڪريون ۽ اسان جو ملڻ صِرف ضرورت جي حد تائين هجي.

نبيِّ ڪريم صَلَّي اللّٰه تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عافيت نشان آهي: ”ماڻهو جي اسلام جي چڱائي مان هي آهي تہ لايعني شيءِ ڇڏي ڏي.“ (مُوطّا امام مالڪ ج٢ص ٤٠٣ حديث ١٨٤١) صَدۡرُ الشَّريعه، بَدۡرُ الطَّريقه حَضرتِ علامه مَولانا مُفۡتي محمد اَمۡجَد علي اَعظَمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی هي حديثِ پاڪ نقل ڪرڻ کان بعد فرمائن ٿا: جيڪا شيءِ ڪارآمد نہ هجي ان ۾ نہ پوي، زِبان ۽ دل ۽ جَوارِح (يعني اعضاء) کي بي ڪار ڳالهين جي طرف متوجّہ نہ ڪري.(بهارِ شريعت ، ج٣،ص٥٢٠)

يارَبّ نہ ضرورت کے سوا کچھ کبھی بولوں! اللّٰه زباں کا ہو عَطا قُفلِ مدینہ

بَک بَک کی یہ عادت نہ سرِ حشر پھنسادے اللّٰه زباں کا ہو عَطا قُفلِ مدینہ

(وسائلِ بخشش،ص٩٣)

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## بصيرت امامِ اعظم!

شيخ طريقت،اميرِ اهلسنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي مايہ ناز تصنيف ”نيڪي جي دعوت“ صفحي نمبر 362 تي آهي: حضرتِ علاّمه عبدُالوهّاب شَعراني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّوۡرَانِي فرمائن ٿا: هڪ دفعي سَيِّدُنا



www.dawateislami.net

امامِ اَعْظم ابُوحنيفه رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ڪُوفي جي جامع مسجد جي وضو خاني ۾ تشريف فرما ٿيا تہ هڪ نوجوان کي وُضو ڪندي ڏٺو، ان کان وُضو (۾ استعمال ٿيل پاڻي) جا قطرا ٽِمي رهيا هئا، پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ارشاد فرمايو: ”اي پُٽ! ماءُ پيءُ جي نافرماني کان توبهه ڪر، ان فورًا عرض ڪيو: مون توبهه ڪئي، هڪ ٻئي شخص کي وضو (۾ استعمال ٿيڻ واري پاڻي) جا قطرا ٽمندي ڏسي پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ان شخص کي فرمايو: اي منهنجا ڀاءُ تون زنا کان توبهه ڪر، ان عرض ڪيو: مون توبهه ڪئي، ٽئين هڪ ٻي شخص جي وضو جا قطرا ٽمندي ڏٺا تہ ان کي فرمايو: شراب پيئڻ ۽ گانا ٻڌڻ کان توبهه ڪر. ان عرض ڪيو: مون توبهه ڪئي، سَيِّدُنا امامِ اَعْظم ابُوحنيفه رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه تي ڪشف سبب ماڻهن جا عيب ظاهر ٿي ويندا هئا. تنهنڪري پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ ڪشف ختم ٿيڻ جي دعا گهري، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ سندن جي دعا قبول فرمائي، جنهن سان سندن رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي وُضو ڪرڻ وارن جا گناهہ ڇڻندي نظر اچڻ بند ٿي ويا. (المِيزانُ الکبريٰ ج 1 ص 130، از نيڪي جي دعوت، ص362)

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! ڪروڙين حَنفين جا پيشوا حضرت سَيِّدُنا امامِ اَعْظم ابُوحنيفه رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي نگاهِ ولايت! جو ماڻهن جا وضو جي ذريعي گناهہ ڇڻڻ واري معصيت يعني نافرمانيون ڏسي وٺندي هئي! بيشڪ اها پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي



www.dawateislami.net

عظيم ڪرامت هئي، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪي ماڻهن جي عيبن تي باخبر ٿيڻ ناپسند هيو ۽ تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن ان خوبي جي ختم ٿيڻ جي دعا ڪئي، تہ الله عَزَّوَجَلَّ دعا قبول فرمائي.

هتي اهي ماڻهو عبرت حاصل ڪن جيڪي امام اعظم عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْاَكْرَم جي محبت جو دم ڀريندا آهن پر زبردستي اُبتا سُبتا (CROSS QUESTIONS) ڪري ماڻهن جي عيبن جي تلاش ۾ رهندا آهن، ياد رکو! بنا مصلحتِ شرعي ڄاڻي واڻي ڪنهن مسلمان جو عيب ظاهر ڪرڻ گناهہ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.جيئن تہ سيپاري 26 ۾ سُوْرَةُ الْحُجُرات آيت نمبر 12 ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو مبارڪ ارشاد آهي: **وَلَا تَجَسَّسُوْا** **ترجمو ڪنزالايمان: ۽ عيب تلاش نہ ڪريو.**

۽ جيڪڏهن ان عيب کي ٻين تي ان طرح ظاهر ڪيو ۽ ان کي خبر پئي تہ هي فلاڻ جو عيب آهي تہ هي هڪ گناهہ ٿيو، جيڪڏهن اهو عيب ڪنهن عالمِ دين جو هو ۽ ان کي ظاهر ڪيو تہ گناهہ ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو. جيئن تہ حُجَّةُ الْاِسلام حَضرتِ سيّدُنا امام ابُوحامد محمد بن محمد بن محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي ڪيمياءِ سعادت ۾ نقل فرمائن ٿا: عالم جي غلطي بيان ڪرڻ ٻن سببن جي ڪري حرام آهي، هڪ تہ اها غيبت آهي، ٻي ان ڪري جي ماڻهن ۾ جُرئت پيدا ٿيندي ۽ اهو ان کي دليل بڻائي ان جي پيروي ڪندا (يعني بيباڪي سان اهڙيون غلطيون ڪندا) ۽ شيطان بہ ان (غلطين ۾ پيروي ڪرڻ واري) جي مدد لاءِ ڪوشش ڪندو ۽ (گناهن تي دلير بڻائڻ جي لاءِ) ان کي



www.dawateislami.net

چوندو تہ تون (بہ ھن نموني ڪر) فلان عالم ڪان تہ وڌو پرھيزگار تہ نہ آھين. (ڪيمياءِ سعادت ج١ص ٤١٠) جيترن وڏيڪ ماڻھن ڪي ان جي خطا تي جاڻ ڏيندو، گناھن ۾ اضافو ٿيندو ويندو، مسلمان ڪي گھرجي تہ ماڻھن جا عيب معلوم ڪرڻ ڪان بچي جيڪڏھن ڪو بڌائڻ لڳي تڏھن بہ بڌڻ ڪان پاڻ ڪي بچائي بالفرض ڪنھن جو عيب نظر اچي ويو يا معلوم ٿي ويو تہ ان ڪي لڪائي، بلامصلحتِ شرعي ھرگز ڪنھن تي ظاھر نہ ڪري.

## عيب لڪائڻ جي باري ۾ 3 فرامينِ مصطفٰي صَلَّي اللّٰہُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عيب لڪائڻ جي حوالي سان 3 فرامينِ مصطفٰي صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظہ فرمايو:

(1) جنھن مؤمن جي پردہ پوشي ڪئي جڻ تہ ان زندہ دفن ڪيل نينگري کي زندھ ڪري ڇڏيو. (المعجم الاوسط ، رقم ٨١٣٣،ج ٦، ص ٩٧)

(2) جيڪو ڪنھن مسلمان جي تڪليف پري ڪري اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ قيامت جي تڪليفن مان ان جون تڪليفون پري فرمائيندو ۽ جيڪو مسلمان جي عيب پوشي ڪري تہ خداء ستار عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينھن ان جي عيب پوشي فرمائيندو.

(مُسلِم حديث ٦٥٨٠ ص١٣٩٤)

(3) جيڪو شخص پنھنجي ياءُ جو عيب ڏسي ان جي پردا پوشي ڪري تہ اھو جنّت ۾ داخل ڪيو ويندو.

(مُسند عَبْد بن حُمَيد ص ٢٧٩ حديث٨٨٥، نيڪي جي دعوت، ص362)



www.dawateislami.net

مِری زبان پہ "قفلِ مدینہ" لگ جائے فُضُول گوئی سے بچتا رہوں سَدا یارَبّ!
کسی کی خامیاں دیکھیں نہ میری آنکھیں اور سُنیں نہ کان بھی عیبوں کا تذکِرہ یارَبّ!
(وسائلِ بخشش، ص۸۳)

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## صاف سٿرائي اپنايو!

حضرت سَيِّدُنا قَيس بن ربيع عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا ته حضرت سَيِّدُنا امامِ اَعۡظم اَبُوحنيفه رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي ڪمائي سان مالِ تجارت جمع ڪندا هئا، پوءِ ان سان ڪپڙا خريد ڪري مشائخ ، مُحَدِّثين ۽ حاجت مندن کي پيش ڪندا هئا ۽ (حاجت مندن کي) فرمائيندا هئا: الله عَزَّوَجَلَّ جي حمد و ثنا ڪريو جو هن توهان کي هي عطا فرمايو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون پنهنجي مال مان ڪجهه به ناهي ڏنو. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي خدمت ۾ ڪو شخص حاضر ٿيندو هو ته ان جي متعلق پڇندا هئا، جيڪڏهن اهو محتاج هوندو هو ته ان کي ڪجهه عطا فرمائيندا هئا. جيئن ته، هڪ شخص پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيو، ان جا ڪپڙا پراڻا هئا، جڏهن ماڻهو هليا ويا ته پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ان کي ويهڻ جو حڪم ڏنو، جڏهن اهو اڪيلو رهجي ويو ته ارشاد فرمايائون: "ان مصلّي کي مٿي کڻ ۽ جيڪو ان جي هيٺان آهي کڻي وٺ." ان شخص مصلّو کنيو ته ان جي هيٺان هڪ هزار درهم هئا، پاڻ فرمايائون: هي درهم کڻي پنهنجي حالت درست ڪر. ته ان عرض ڪيو: "حضور! آئون ته



www.dawateislami.net

خوشحال آهيان، نعمتن ۾ آهيان ۽ مونکي ان جي ضرورت نہ آهي." تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جن ارشاد فرمايو: "چا هي حديثِ پاڪ تو تائين نہ پهتي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ پسند فرمائيندو آهي تہ اهو پنهنجي نعمت جو اثر ٻانهي تي ڏسي." (سنن الترمذي، كتاب ال أدب، ج۴، ص۳۷۴، حديث:۲۸۲۸) توکي پنهنجي حالت بدلڻ گهرجي تہ جيئن تنهنجو دوست تنهنجي حالت سان غمگين نہ ٿئي." (تاريخ بغداد، الرقم ۷۲۹۷،ج۱۳، ۳۵۸)

## سٿرا ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ کي پسند آهن!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان جتي اسان کي هي معلوم ٿيو تہ مسلمان غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪرڻ گهرجي، اتي هي بہ معلوم ٿيو تہ اسان کي صاف سٿرائي جو بہ اهتمام ڪرڻ گهرجي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دينِ اسلام جتي انسان کي شرڪ جي نجاستن کان پاڪ ڪري ايمان جي دولت سان عزت ۽ رفعت عطا فرمائي، اتي ظاهري طهارت، صاف سٿرائي ۽ پاڪيزگي جي اعلٰي تعليمات جي ذريعي انسانيت جو وقار بلند رکڻ جو بہ حڪم ڏنو آهي.

بدن جي پاڪيزگي هجي يا لباس جي سٿرائي، ظاهري بناوت جي عمدگي هجي يا طورطريقن جي چڱائي، مڪان ۽ سازوسامان جي بهتري هجي يا سُواري جي ڌلائي، الغرض هر هر شيء کي صاف سٿرو ۽ جاذبِ نظر رکڻ جي دينِ اسلام ۾ تعليم ۽ ترغيب ڏني وئي آهي. جيئن تہ سيپاري 2 سُوۡرَةُ الۡبَقَرَة جي آيت نمبر 222 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:



www.dawateislami.net

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيۡنَ وَ يُحِبُّ الۡمُتَطَهِّرِيۡنَ ﴿۲۲۲﴾

**ترجمو كنزالايمان:** بيشڪ الله توبه ڪندڙن کي گهڻو پسند ڪري ٿو ۽ پاڪائي ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو.

حَضْرتِ سَيدَتُنَا عائشه صدّيقه رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون، سرورِ عالَم، نُورِ مجسَّم صَلَّي اللّٰه تَعَالي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”بيشڪ اسلام صاف سٿرو (دين) آهي تہ توهان بہ نظافت حاصل ڪندا ڪريو، ڇو جو جنّت ۾ صاف سٿرو رهڻ وارو ئي داخل ٿيندو. (ڪنزالعمال،حرف الطا، ڪتاب الطهاره، قسم الاقوال، الباب الاول في فضل الطهاره مطلقاً،۱۲۳/۵، الحديث:۲۵۹۹٦، الجزء التاسع)

حَضْرتِ سهْل بن حَنْظَله رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي، نبيِّ اڪرم صَلَّي اللّٰه تَعَالي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو لباس تون پائين ٿو ان کي صاف سٿرو رک ۽ پنهنجي سُوارين جي نظرداري ڪريو ۽ تنهنجي ظاهري بناوت اهڙي صاف سٿري هجي جو جڏهن ماڻهن ۾ وڃي تہ اهي تنهنجي عزت ڪن.“ (جامع صغير،حرف الهمزه،ص۲۲،الحديث:۲۵۷)

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان جو پيارو دين اسان کي باطني صفائي سان گڏوگڏ ظاهري سٿرائي جو بہ ڪيترو پيارو درس ڏئي ٿو، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ صفائي جو خاص خيال رکون ۽ پنهنجي لباس، بدن، عمامو، چادر، جوتا، گاڏي، گهر، گهٽي پاڙي ۽ بازار وغيره جي صفائي جو اهتمام ڪريون، بالخصوص مسجد جي تعظيم جي نيّت سان اچڻ کان پهرين غسل يا چڱي طرح وضو



www.dawateislami.net

كري، سني خوشبو لڳائي، صاف سترو لباس پائي ايناداسين ته اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ عبادت ۾ خشوع ۽ خضوع حاصل ٿيندو.

کپڑے میں رکھوں صاف تُو دِل کو مرے کر صاف    اللّٰہ مدینہ مرے سینے کو بنا دے
اَخلاق ہوں اچھے مرا کردار ہو سُتھرا    محبوب کا صَدقہ تُو مجھے نیک بنا دے
(وسائلِ بخشش،ص:۱۱۸،۱۱۷)

صَـلُّوا عَلَي الحَبِيب!    صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلي مُحَمَّد

## شبِ براءَت جا محروم!

منا منا اسلامي ڀائرو! اَسلافِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي واقعات بيان ڪرڻ جو هڪ مقصد هي به هوندو آهي ته اسان سندن زندگي جا حالات ٻڌون ۽ پنهنجي زندگين کي انهن جي حياتِ مبارڪ جي سانچي ۾ پائڻ جي ڪوشش ڪريون. تنهنڪري اسان کي به تمام گناهن کان سچي توبه ڪري اسلاف جي سيرت ۽ ڪردار بالخصوص حضرت سَيِّدُنا امامِ اَعْظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡاَكۡرَم جي نقشِ قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ خُوب خُوب برڪتون نصيب ٿينديون. اسان جي خوش قسمتي جو شَعۡبَانُ الۡمُعَظَّم جو مبارڪ مهينو پنهنجون برڪتون لٽائي رهيو آهي ۽ هي اُهو مهينو آهي جنهن ۾ شبِ براءت (ڇٽڪارو حاصل ڪرڻ جي عظيم رات) به آهي. ياد رکو! شبِ براءَت تمام اهم رات آهي ڪنهن به صورت ۾ انهيءَ رات کي لاپرواهيءَ ۾ نه گذارڻ گهرجي، انهيءَ رات خصوصيت سان رحمتن جي ڇماڇم برسات ٿيندي آهي. هن مبارڪ رات ۾ الله تبارڪ و تعالیٰ ”بني



www.dawateislami.net

کلب“ جي ٻڪرين جي وارن کان ٻه وڌيڪ ماڻهن کي جهنم کان آزاد فرمائيندو آهي. ڪتابن ۾ لکيل آهي: ”بني ڪلب جو قبيلو“ عرب قبيلن ۾ سڀ کان وڌيڪ ٻڪريون پاليندو هو. افسوس! ڪجهه بدنصيب اهڙا به آهن جن تي انهيءَ شبِ براءَت يعني ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ جي رات به نه بخشجڻ جي وعيد آهي. حضرت سَيِّدُنا امام بَيهَقي شافعي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡكَافِي ”فَضائِلُ الاوقات“ ۾ نقل فرمائن ٿا: رسولِ اڪرم ،نُورِ مُجَسَّم صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ڇهه ماڻهن جي هن رات به بخشش نه ٿيندي: (1) شراب جو عادي (2) ماءُ پيءُ جو نافرمان (3) زنا جو عادي (4) قطعِ تعلق ڪرڻ وارو (5) تصوير ناهڻ وارو (6) چغل خور.

(فضائل الاوقات ج١ص ١٣٠ حديث ٢٧ مكتبة المنارة، مكة المكرمة)

تنهنڪري سيني مسلمانن کي گهرجي ته ذڪر ٿيل گناهن مان جيڪڏهن مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ ڪنهن گناهه ۾ مُلَوَّث هجن ته اهي خاص ڪري انهن گناهن ۽ بالعموم هر گناهه کان شبِ براءَت جي اچڻ کان اڳ بلڪ اڄ ۽ هاڻي ئي سچّي توبهه ڪري وٺو ۽ جيڪڏهن ٻانهن جا حق ضايع ڪيا آهن ته توبهه سان گڏوگڏ ان کان معافي تلافي جي ترڪيب ناهيو. (آقا جو مهينو،ص١١، بتغيرٍ)

گنہ کے دَلدَل میں پھنس گیا ہوں، گلے گلے تک پھنس گیا ہوں

نکالو مجھ کو برائے آدم، امامِ اَعظم اَبُوحنیفہ!

(وسائلِ بخشش، ص٥٧٣)

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## بيان جو خلاصو:

منا منا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان حضرت سَيِّدُنا امامِ اَعظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡاَكۡرَم جي سيرتِ مبارڪ جي متعلق بيان ٻڌو. حضرت سَيِّدُنا امامِ اَعظم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡاَكۡرَم جي اهڙي جَلِيلُ القَدر شخصيت هئي جو پاڻ سڄي زندگي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّتن جي خدمت ۾ گذاري ڇڏي، سڄي رات عبادت ۽ تلاوت ۾ گذريندا هئا، خوب خوب صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا ۽ ضرورت جي وقت گفتگو فرمائيندا هئا. ۽ اسان کي بہ امامِ اَعظم رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جي سُنّت تي عمل ڪندي علمِ دين جي اشاعت ۽ احياءِ سُنّت جي خدمت جي لاءِ خوب خوب ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

## مدني تربيت گاهن جو تعارف

اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ ڪم و بيش 97 **شعبن** ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، ان ۾ هڪ شعبو ”مدني تربيت گاهہ“ بہ آهي . جنهن ۾ عاشقانِ رسول مختلف ملڪن، شهرن ۽ ڳوٺن مان اچڻ وارن اسلامي ڀائرن جي مدني تربيت فرمائيندا آهن. پوءِ هي اسلامي ڀائر علمِ دين سکي ۽ سُنّتن جي تربيت حاصل ڪري پنهنجي علائقن ۾ وڃي ”نيڪي جي دعوت“ جا مدني گُل نڇاور ڪندا آهن. تنهنڪري اسان کي بہ وَقتاً فوقتاً سُنّتن جي تربيت حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مَدَني تربيت گاهن



www.dawateislami.net

تي حاضر ٿيڻ گھرجي ۽ جيڪو سڪون اھو ٻين تائين پھچائڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ گھرجي. جيڪي اسلامي ڀائر يڪمشت زياده ڏينھن جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪري نہ سگھندا آھن، انھن تي انفرادي ڪوشش ڪري انھن کي بہ وَقتاً فوقتاً ڪجھ وقت جي لاءِ مدني تربيت گاھن تي موڪليندا رھون، ان جي برڪت سان ڪيترائي عاشقانِ رسول دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان عملي طور تي وابستہ ٿي ڪري مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ وارا بڻجندا. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰه تَعَالٰی عَلَيۡهِ کان ڪنھن سُوال ڪيو تي توھان ان بلند مقام تي ڪيئن پھتا؟ تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِ جن ارشاد فرمايو: ”مون پنھنجي علم کان ٻين کي فائدو پھچائڻ ۾ ڪڏھن بہ بخل نہ ڪيو ۽ جيڪو مونکي نہ ايندو ھو ان ۾ ٻين کان فائدو حاصل ڪرڻ کان ڪڏھن نہ رڪيس.“

## امامِ اعظم جون وصيتون

حضرت سَيِّدُنا امامِ اَعْظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِ جي حڪمت ڀرين نصيحتن جا مدني گُل حاصل ڪرڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ 46 صفحن تي مشتمل رسالو ”امامِ اعظم جون وصيّتون“ ھديو ڏئي حاصل ڪري مطالعو ڪري وٺو. امامِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡهِ جن وَقتاً فوقتاً پنھنجن شاگردن کي جيڪي انتھائي مفيد نصيحتون فرمايون اھي مختلف ڪتابن ۾ لکيل آھن. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! مجلس اَلمَدِينة العِلمِيہ



www.dawateislami.net

جي اٽتڪ ڪوشش سان انهن نصيحتن کي جمع ڪري ان جو اردو ترجمو پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي آهي. هي رسالو اهڙين نصيحتن تي مشتمل آهي جيڪي انسان جي ظاهري ۽ باطني دُرُستي جي لاءِ انتهائي مفيد آهي. ان ۾ اصلاح جا بي شمار مدني گُل موجود آهن. مثلاً الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄندو رهڻ، عوام ۽ خواص جي امانتون ادا ڪرڻ، انهن کي نصيحتون ڪرڻ، زياده کلڻ کان بچڻ، تلاوتِ قرآنِ پاڪ جي پابندي ڪرڻ ۽ پنهنجي پاڙي وارن جي پرده پوشي ڪرڻ وغيره. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net کان ان رسالي کي پڙهي ۽ ڊائون لوڊ بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آئوٽ بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن ۾ حصو وٺو:

منا منا اسلامي ڀائرو! بُزرگانِ دين جي سيرتِ مبارڪ تي عمل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهو ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي ٻارنهن 12 مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي حصو وٺو. هن 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم روزانو ”صدائي مدينہ لڳائڻ“ بہ آهي.[1] اڄ جي هن پُرفتن دؤر ۾ مسلمان دين کان پري ٿيندا پيا وڃن. سُنتون ۽ نوافل پڙهڻ

[1] دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ مسلمانن کي نمازِ فجر لاءِ جڳائڻ کي **”صدائي مدينہ“** چوندا آهن.



www.dawateislami.net

تہ پري جي ڳالھہ اکثر فرض نمازون قضا کري ڇڏيندا آھن. مسجدون ويران ٿينديون پيون وڃن، مسجدن کي آباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ يقينًا سعادت جي ڳالھہ آھي. منقول آھي تہ اَمِيرُالمؤمنين حَضْرتِ سيّدُنا عُمرِ فارُوقِ اَعْظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو اھو معمول ھو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ ماڻھن کي نماز جي لاءِ جڳائيندا ھئا، جڏھن نمازِ فجر جي لاءِ تشريف کڻي ايندا ھئا تہ رستي ۾ ماڻھن کي جڳائيندا ايندا ھئا، گڏوگڏ اذانِ فجر جي فورًا بعد مسجد ۾ کو سُتل ھوندو ھو تہ ان کي بہ جڳائيندا ھئا. (طبقات کبريٰ، ذکر استخلاف عمر، ٣/٢٦٣) ۽ جيڪو نمازِ فجر ۾ غير حاضر ھوندو ھو تہ ان جي متعلق معلومات حاصل ڪندا ھئا.

جيئن تہ ھڪ ڀيري پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ صبح جي نماز ۾ حَضْرتِ سَيّدُنا سُليمان بن ابي حَثْمَه رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي نہ ڏٺو . بازار تشريف وٺي ويا، رستي ۾ سَيّدُنا سُليمان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو گھر ھو، انھن جي والده حضرتِ سَيِّدَتُنا شِفا رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا وٽ تشريف وٺي ويا ۽ فرمايو تہ صبح جي نماز ۾ مون سُليمان کي نہ ڏٺو! انھن چيو: رات ۾ نماز (يعني نفل) پڙھندا رھيا، پوءِ جڏھن صبح ٿي تہ ننڊ وٺي وئي، سَيّدُنا عُمَرفاروقِ اَعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن فرمايو: صبح جي نماز باجماعت پڙھان ھي منھنجي ويجھو ان کان بھتر آھي تہ رات جو قيام ڪيان. (يعني سڄي رات نفل پڙھان)

(موطّا امام مالک ج 1 ص 134 حديث 300،از نيکي جي دعوت، ص 443)



www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو! سَيِّدُنا عُمَرفاروقِ اَعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ صدائي مدينه به لڳائيندا ۽ نماز ۾ غير حاضر ماڻهن جي خبرچار به لهندا هئا. اسان کي به گهرجي ته صدائي مدينه لڳائڻ سان گڏوگڏ نماز جي وقت ۾ هي به نوٽ ڪريون ته اسان جي محلي ۾ اسلامي ڀائرن مان ڪير جماعت سان نماز پڙهي ٿو ۽ ڪير نه ٿو پڙهي، جيڪڏهن ڪو نمازي ڪنهن نماز ۾ غير حاضر هجي ته ان جي گهر وڃي يا فون ڪري ان جي خبرچار لهون، بيمار ٿي ويو هجي ته ان جي عيادت ڪريون ۽ سستي جي سبب نه آيو هجي ته نيڪي جي دعوت ڏيون. تمام اسلامي ڀائرن کي هي انداز اختيار ڪرڻ گهرجي. (ازنيڪي جي دعوت، ص 443) جيڪڏهن اسان جي انفرادي ڪوشش سان هڪ اسلامي ڀاءُ به نماز جو عادي بڻجي ويو ته يقيناً نيڪي جي دعوت ملڻ سان گڏوگڏ صدقه جاريه به ٿي ويندو.

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! نمازن جي عادت بنائڻ، سنتون اپنائڻ، عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر جي عادت بنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ معاشري جا بگڙيل ڪيترا ئي ماڻهو دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان راهِ راست تي ايندا آهن ۽ راهِ خدا ۾ سفر جون خوب خوب برڪتون حاصل ڪندا آهن. انهي متعلق هڪ مدني بهار پيشِ خدمت آهي:



www.dawateislami.net

مترا (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، آئون هڪ ماڊرن نوجوان هئس، فلمون ڊراما ڏسڻ منهنجو مشغلو هو، مڪتبة المدينہ کان جاري ٿيڻ واري بيان جي ڪيسٽ ”T.V جون تباهه ڪاريون“ ٻڌڻ جو شرف حاصل ٿيو، جنهن منهنجي حالت بدلائي ڇڏي، آئون دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان منسلڪ ٿي ويس. (ڪجھ عرصي کان بعد مون تي هڪ بيماري جو حملو ٿيو ۽ ڊاڪٽرن آپريشن جو مشوَرو ڏنو. آئون گھبرائجي ويس، ايتري ۾ دعوتِ اسلامي جي هڪ مبلغ جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ زندگي ۾ پهريون ڀيرو عاشقانِ رسول سان گڏ دعوتِ اسلامي جي سنتن جي تربيت جي 3 ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان بغير آپريشن منهنجو مرض ختم ٿي ويو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي جذبي کي 12 مدني چنڊ لڳي ويا. هاڻي هر مهيني 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندو آهيان، هر مهيني مدني انعامات جو رسالو جمع ڪرائيندو آهيان ۽ مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ جڳائڻ جي خاطر گھمندي صدائي مدينہ لڳائيندو آهيان.

بے عمل باعمل بنتے ہیں سر بسر  تُو بھی اے بھائی کر قافلے میں سفر
اچّھی صُحبت سے ٹھنڈا ہو تیرا جگر  کاش! کرلے اگر قافلے میں سفر

صَلُّوا عَلَي الحَبِيب!  صَلَّي اللهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد



www.dawateislami.net

منا منا اسلامي پائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا

جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ”ٻڌا هڪ چُپ هزار سُک“ جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جا 12 مدني گل

﴿1﴾ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ سنّت آهي ﴿2﴾ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ثواب حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ٻنهي وٽ توهان معزز رهندؤ ﴿3﴾ وڏي آواز سان ڳالهائڻ جيئن اڄڪلهه دوست پاڻ ۾ بي تڪلفي سان ڳالهائيندا آهن، اهو سنّت نہ آهي ﴿4﴾ ڪٽي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سنين نيتن سان ان سان بہ اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق بہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ عمدا ٿيندا ۽ ٻار بہ آدب سکندو ﴿5﴾ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير

---

[1] ...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،97/1،حديث:175



www.dawateislami.net

لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سٺي ڳالهه ناهي، ان سان ٻين کي ڪراهت محسوس ٿيندي آهي ﴿6﴾ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي ته اطمينان سان ٻُڌو، ان جي ڳالهه ڪٽي پنهنجي ڳالهه شروع ڪرڻ سنّت ناهي ﴿7﴾ ڳالهه ٻولهه ڪندي ٻلڪ ڪنهن به حالت ۾ ٽهڪ نه ڏيو ڇوته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به ٽهڪ نه ڏنو ﴿8﴾ گهڻو ڳالهائڻ ۽ هر هر ٽهڪ ڏيڻ سان رعب ختم ٿي ويندو آهي ﴿9﴾ سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جڏهن توهان ڪنهن ٻانهي کي ڏسو ته اُن کي دنيا کان بي رغبتي ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي نعمت عطا ڪئي ويئي آهي ته اُن جي ويجهڙائي ۾ صحبت اختيار ڪريو ڇوته اُن کي حڪمت عطا ڪئي ويندي آهي.“ (سنن ابن ماجه، ج 4 ص 422 الحديث 4101)

﴿10﴾ فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو چُپ رهيو، ان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو.“ (سنن ترمذي ج 4 ص 225 حديث 2509) مِراٰة المَناجيح ۾ آهي: حُجَّةُ الاِسلام حضرت سيِّدُنا امام محمّد بن محمّد غزالي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الوَالِي فرمائن ٿا ته گفتگو جا چار قسم آهن: (1) خالص مُضر (يعني مڪمل طور تي نقصان ڏيندڙ) (2) خالص مفيد (يعني فائديمند) (3) مُضر به مفيد به (4) نه مُضر نه مفيد. خالص مُضِر (يعني مڪمل نقصان ڏيندڙ) کان هميشه بچڻ ضروري آهي. خالص مفيد ڳالهه ضرور ڪريو، جيڪو ڪلام مُضر به هجي ۽ مفيد به اُن جي ڳالهائڻ ۾ احتياط ڪري بهتر اهو آهي ته نه ڳالهائي ۽ چوٿين قسم جي ڪلام ۾ وقت ضايع ڪرڻ آهي. انهن ڪلامن ۾ امتياز ڪرڻ ڏکيو آهي تنهنڪري خاموشي بهتر آهي. (مراٰة المناجيح ج 6 ص 464)

﴿11﴾ ڪنهن سان ڳالهه ٻولهه ڪجي ته ان جو ڪو صحيح مقصد به هئڻ



www.dawateislami.net

گهرجي ۽ هميشہ مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالهہ ڪئي وڃي ﴿12﴾ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو تہ ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. (فتاوي رضويہ، ج 21 ص 127) ۽ بي حيائي جي ڳالهہ ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالهہ) کان ڪم وٺي ٿو.“

(ڪتاب الصمت مع موسوعہ الامام ابن ابي الدنيا ج 7 ص 204، رقم 325)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جا شايع ٿيل بہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر | پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڑهيا ويندڑ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڑهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، [1]

## (2) سمورا گُناهہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڑهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ سرکارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (5)ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

---

[1]...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2]... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

## (6)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي ڪري صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[2]

## (7) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنزِلهُ المَقعَدَ المُقَرَّبَ عِندَكَ يَومَ القِيَامَةِ

**شافعِ امم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جو** فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هيئن درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

[2]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net